# ٻارن لاء بائبل

تحفو

# يسُوع مسيح جو ڄمڻ



لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: M. Maillot
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: E. Frischbutter; Sarah S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2020 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن کهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



ٻگھي وقت اڳ خدا جبرائيل فرشتي کي
هڪڙي مٺي ۽ ڪنواري ڇوڪري وٽ
موڪليو جنهن جو نالو (حِضرت) مريم
هو. ملائڪ کيس ٻڌايو. توکي هڪ
پٽ ٿيندو۽تون سندس نالو يسُوع
رکجائين هو خُدا
تعاليٰ جو (فرزند) پُٽ
سڏيو ويندو .۽ اُن
جي بادشاهي جو
پڇاڙي نه ٿيندو.

"اهو ڪيئن ٿيندو؟" ان حيران
و پريشان ڇوڪري پڇيو "آئون ته
ڪهن به مردڪي نٿي سنڃاڻان" ملائڪ
ڇوڪري کي ٻڌايو اهو ٻار
خدا جي طرف کان ٿيندو
ۀ هن جو ڪوبه انساني
پيء نه هوندو.



ملائڪ مريم کي
چيوته سندس سوٽ
اليشباء به وڏي عمر
سان پڻ حامل آهي
اهوبه هڪ معجزو
هو. هن کان پوء جلد
ئي، مريم اليشباء
ڏانهن ويندي آهي.
۽ اهي ٻئي خدا جي
واکاڻ ڪرڻ لڳيون.



مريم جي هڪڙي
يوسف نالي شخص
سان مڱڻو ٿيل هو.
يُوسف ڏاڍو اداس
ٿيوجڏهين هن کي
خبر پئي ته مريم
حامل آهي.هن
سچيوته هن پار جو
ٻيڙ کو پيو آهي.



خواب ۾، ملائڪ يوسف کي
ٻڌايو، ته هي ٻار خُدا جو
(فرزند) پُٽ آهي. يُوسف مريم
جي مدد ڪرڻ وارو هو.



يوسف ڀروسو ڪيو ۽ خُدا جي فرمانبرداري ڪئي.
هن پنهنجي ملڪ جي قانونن جو پڻ فرمانبردار ڪئي،
۽ نئين قانون موجب،
هو ۽ مريم
پنهجي آباڻي
گهر ۾



لحم ۾ حڪومت جا ٽيڪس ڏئين به ويا.


هاڻي مريم جي حمل
جو وقت اچي پهتو.پر
يوسف کي ڪٿي به
ڪو جڳا نه ملي سپ
جڳهيون ماڻهن سان
پرئيل هئيون.


آخريوسف کي هڪڙو وٿاڻ مليو.جتي ٻار يسُوع ڄائو سندس
ماءُ کيس هڪ آهري ۾ رکيو.
جتي ڍورڻ کي
کادوڏنو
ويندو هو.

ويجهوئي رڌار، پهنجي ڌڻ جي سنڀال ڪري رهئا هئا. خُداوند
جو ملائڪ انهن تي ظاهر ٿيوءِ انهن کي
حيران ڪندڙ خبر ٻڌائي.




ته اڄ دائود جي شهر ۾، اوهان لاءِ هڪڙو ڇوٽڪارو ڏيڻ
وارو، ڄائو آهي.يعني مسيح خُداوند.
۽ اوهين
ٻارڙي
کي، آهري
۾ پيل ڏسندا.


۽اوچتو، انهيءَ ملائڪ سان گڏ هڪڙو وڏو آسماني لشڪر ڏسڻ
۾ آيو. جيڪو خُدا جي واکاڻ ڪندي هيئن
چوندو پئي آيوته عرش عظيم
تي خُدا جي
واکاڻ ۽ زمين تيانهن
ماڻهن لاءِ صلح وَ
سلامتي، جن کان هوراضي آهي.


رڌار جلدئي وٺاڻ ڏاهن ويا ۽ٻارڙي کي
ڏسڻ کان پوء جنهن سان به هو مليا
جيڪو ملائڪن يسُوع بابت ٻڌايو هو
سبهڻ کي ٻڌايون.



چاليهن ڏينهن کان پوءِ، يوسفؔ مريم
يسُوع کي يروشلم ۾ هيڪل ۾
کڻي آيا. هتي شمعون نالي
سان هڪ بزرگ پارڙي
کي ڏسي خدا جي حمد
ڪي. جڏهين ته هڪ بي
بزرگ عورت حناه نالي
به خدا جوشڪرادا ڪيو
جيڪا هيڪل ۾ خُدا
جي خادمه هئي.





بنهين کي خبر هئي ته يسُوع خُدا جو
پٽ، ۽ نجات ڏيندڙ آهي. حضرت
يُوسف ٻن پکين جي قُرباني
ڏني، هي خُدا جي قانون
مطبق غريبن جي لاء
پهريون ڇائل
خُدا آڏو
آڻڻ لاء
نزانو هو.




ڪجھ وقت ڪان پوءِ
ھڪ خاص تارِي
ملڪ جي اوڀرم
مجُوسين ڪي
يروشلم
جي گس جي رهنمائي ڪئي هئي.
يهودين جو بادشاهه ڪٿي پيدا ٿيو
آهي. انهن پڇيو، ڇو ته اسان ان
ڪي سجدو ڪرڻ چاهيون ٿا.

هيروديس بادشاهه مجُوسين
بابت ٻڌو. هو پريشان ٿيو
۽هن انهن کي چيو. جيڪڏهن
توهان يسُوع کي مليو ته مون
کي به خبر ڏيجو، مان به هن
کي سجدو ڪرڻ چاهيان ٿو
هيروديس هين چيو، پر هو
ڪوڙ ڳالهائي رهيو هو.
هيروديس يسُوع کي
مارڻ چاهيندو
هو.





تاري انهن مجُوسين جي ٺيڪ
ٺيڪ رهنمائي ڪئي. جتي مريم
۽ يُوسف ٻار سان گڏ رهندا هئا.
انهن ڳوڏا نمائي ڪيس سجدو
ڪيو. انهن يسُوع کي
قيمتي تحفه، سون،
لبان، مور به
پيش ڪيو.


خُدا مجوسين کي خبردار ڪيو ته
هو ماٺ ڪري پهنجي گهر موٽي
ويجڻ. هيروديس ڪاوڙ سان پرجي
ويو. ۽ يسُوع کي قتل ڪرڻ غرض
هن شيطان بادشاھ بيتلحم جا ٻار قتل
ڪارئي
چڏين.



پر هيروديس خُدا جي پٽ
کي ڪو به نقصان نه پوچائي
سگهيو. خواب ۾ هدائيت مطابق
حضرت يُوسف حِضرت
مريم ۽ مسيع يسُوع کي
با حفاظت وٺي
مصرهليا ويا.

جڏهن هيروديس مري
ويو، حضرت يُوسف
حضرت مريم ۽ حضرت
يسُوع لمسيع کي
مصر



کان واپس کڻي آيو ۽ هوهڪ ننڍڙي ڳوٺ
ناصرت جيڪا گليل جي ڍنڍ وٽ آهي رهڻ لڳاو.

يسُوع مسيح جو ڄمڻ

خدا کان هڪ ڪهاڻ ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

متى 1-2، لوقا 1-2

"توهانجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

آخر

هيءِ ڪهاڻي اسان جي عجيب خدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانڪي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء (عيسي) يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽
آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان (عيسی) يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان
پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ
ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائئ آهي ته خدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خدا آهيوۤ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاء مري ويوۤ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خدا ساڻ ڳالهايو.